
ڪرشيا شهر جو قصو
ڪليم ٻٽ

# ڪرشيا شهر جو قصو

(ناوليٽ)

## ڪليم ٻُٽ

چيپرائنڊڙ: ڊاڪٽر اي آر ٻُٽ ٽرسٽ
2018ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
2019ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

ڪتاب: ڪرشيا شهر جو قصو
موضوع: ناوليٽ
ڇاپو: پهريون
ڇپائيندڙ: ڊاڪٽر اي آر ٻُٽ ٽرسٽ، ڄامشورو
سال: 2018ع
تعداد: 500
قيمت: 80 روپيا

# ارپنا:

# پنهنجي محبوب شهر ڪراچيءَ جي نانءُ

## سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”ڪرشيا شهر جو قصو“** اوهان اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون. هي ڪتاب ناميارين ليکڪ، ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار **ڪليم ٻُٽ** جو لکيل ناوليٽ آهي.

ڪليم ٻُٽ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪهاڻي ۽ ناول جي حوالي سان نوجوان ٿيءَ جو ڪافي متحرڪ نالو آهي. سنڌس ڪيترين ئي لکڻيون وقفي وقفي سان پڙهڻ لاءِ اڪين آڏو ايندڙيون رهن ٿيون.

ٿورائتا آهيون پياري دوست ۽ ليکڪ ڪليم ٻُٽ جا جنهن ڪتاب موڪليو ۽ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

اٺتيهه سالن جي ايجنٽ عيني هڪ ٻيرو ٻيهر ٽيپ کي غور سان ٻڌو. هوءَ ڪرشيا جي جاسوسي اداري جي هيڊڪوارٽر جي هڪ بند ٿڌي ڪمري ۾ ويٺل هئي، ڪمري ۾ خاموشي هئي، سندس ڪنن تي ڪارا هيڊفون پيل هئا، ڪمرو ننڍڙو هو، ان ۾ رڳو هڪ ڪاٺ جي ميز ۽ هڪ ڪرسي رکيل هئي، ميز تي عينيءَ جو سلور ڪلر جو ليپ ٽاپ ۽ ان جي پاسي کان هڪ ڊائري ۽ بال پين پيل هئي. اڪثر هوءَ هڪ سٽ ٻڌي ڊائري تي ڪجهه لکندي هئي، پر ان ڏينهن هوءَ لاڳيتو اڌ ڪلاڪ کان ان ريڪارڊ ٿيل آواز کي ٻڌندي رهي، هن هڪ آهه ڀري آواز کي پاز ڪيو ۽ ڪرسيءَ کي ٽيڪ ڏئي ويهي رهي. عينيءَ ڇهه مهينا اڳ ئي ولايت جي هڪ يونيورسٽي مان سائونڊ ريڪگنيشن ۾ ڊگري وٺي موٽي هئي، هي ڪورس رڳو جاسوسي ادارن جي ايجنٽن کي ئي ڪرايو ويندو آهي، جنهن ۾ ڪنهن اهڙي گهربل ماڻهو کي جنهن جي شڪل صورت واضح نه هجي، آواز وسيلي سڃاڻي ان جو خاڪو تيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. عينيءَ سان گڏ هن ڪورس ۾ ڪيترن ئي ملڪن جي جاسوسي ادارن جا ايجنٽ گڏ هئا. ڇهه مهينا پهريان هن جڏهن وري پنهنجي اداري سان ڪم شروع ڪيو هو ته انهن ئي ڏينهن ۾ ڪرشيا شهر ۾ هڪ عجيب تحريڪ زور پڪڙيو هو ۽ ان جي نالي ۾ ماڻهن کي قيل تي ڪيو ويو. ڪنهن مٿي قريل سندرتا ديس واسي "ڪرشيا رڳو سندرتا ديس واسين جو آهي" تحريڪ شروع ڪري ڏني هئي. اول ته هر ڪنهن ان کي مذاق ۽ ٻاراڻي سمجهي نظر انداز ڪري ڇڏيو هو، پر ٻه مهينا اڳ جڏهن پاڻ بچايو تحريڪ (پ ب ت) جي اهم اڳواڻ خرم کي سندس محل نما گهر ۾ ماري پيغام ڇڏيو ويو هو ته قانون لاڳو ڪندڙ ادارا هن ٽولي جي ڳولا ۾ لڳي ويا هئا، پر اڃا به ڪين ڪا خاص ڪاميابي نه ملي هئي، اهو اندازو نٿي ٿي سگهيو ته هي ٽولي ڪنهنجي سرپرستي ۾ ڪم ڪري رهيو آهي. بس هڪ فرضي نالو هو پيرومل جنهن جو ڪٿي به ڪو ريڪارڊ نٿي مليو. ڪرشيا سندرتا ديس جو اهم شهر هو، شهر سمنڊ ڪناري تي هو ۽ ان تي وديا ٻيٽ جي ماڻهن چاليهه سال اڳ اچي قبضو ڪيو هو، وديا ٻيٽ ۾ گهرو ويڙهه شروع ٿي وئي هئي ۽ ان جي نتيجي ۾ اُتان جا واسي امن جي ڳولها ۾ سندرتا ديس آيا هئا، سندرتا ديس جي اهم شهر ڪرشيا ۾ راتو رات ماڪوڙن جيان پکڙجي ويا هئا. هنن کي ته امن ملي ويو پر هنن سندرتا ديس جي واسين جو سک چين برباد ڪري ڇڏيو. وديا ٻيٽ کان آيل ماڻهن ڏيهن سالن جي عرصي ۾ ڪرشيا جي هڪ طاقتور سياسي ٽولي جي شڪل وٺي ڇڏي هئي، سندن ڪم ڪرشيا جي زمينن تي قبضو ڪرڻ، نوڪريون ڦٻائڻ، ڪليم ۾ گهر ۽ ملڪيتون وٺڻ

وغيرهہ ۾ سندرتا واسين کي ڪرشيا شهر مان تڙي ڪڍڻ شامل هو. جڏهن قانون لاڳو ڪندڙ ادارن هنن ۾ هٿ تي وڌو ته اهي مظلوميت جو راڳ الاپڻ شروع تي ويندا هئا، پر جڏهن سندن گهيرو تنگ ڪيو ويو ته هنن پاڻ بچايو تحريڪ (پ ب ت) جو بنياد وڌو، جيڪا ڪرشيا ۾ وديا مان آيلن جي حقن جي علمبردار تي پئي هئي. پ ب ت جو اڳواڻ هڪ تلهو متارو پنجونجاهه سالن جو سانورو شخص اجغر خان هو، جنهن کي سندس چاهيندڙ "ڏان صاحب" جي نالي سان سڏيندا هئا. ڏان صاحب جو روعب ۽ دٻدٻو ويهارڻ لاءِ سندس ساٿين رت جون نديون وهائي ڇڏيون هيون، پتي خوري ۽ پيسن لاءِ وپارين کي اغوا ڪرڻ شروع ڪري ڏنو هو. پ ب ت ايتري ته طاقتور تي وئي هئي جو ان جو نالو ٻڌي عام ماڻهن جو ساهه مُٺ ۾ اچي ويندو هو. سندرتا ديس جا واسي هي سمورو تماشو ڏسي چپ رهڻ جا عادي تي چڪا هئا. پنهنجي اثر کي وڌائڻ لاءِ پ ب ت وارن 1998ع ۾ چونڊن ۾ حصو وٺڻ جو اعلان ڪيو هو. ڏان صاحب سندس پارٽي جي مقامي عهديدارن  کي ايترو ته طاقتور ڪري ڇڏيو هو جو ڪرشيا شهر ۾ ڪجهه به ڪري تي سگهيا، ڪنهن ماڻهو ۾ سندن نالي وٺڻ جي همت نه هئي. انهن چونڊن دوران پ ب ت ۾ ڏان صاحب جو لاڏلو خرم منظر عام تي آيو هو، ان وقت سندس عمر رڳو چويهه سال کن هئي. سنهڙو سيپڪڙو شخص، ڪارا ريشمي وار ۽ تمباڪو چٻاڙڻ ڪارڻ سندس ڏند هيڊا تي چڪا هئا. چونڊن ۾ ڪرشيا جي ٻي اهم سياسي طاقت سندرتا ديس مک پارٽي هئي. چونڊ مهم دوران خرم سندس ساٿين سان گڏ هڪ رات جو نڪتو هو ۽ مک پارٽي جي دفتر تي حملو ڪري ڏنو هو. دفتر ٻاهران بيهي خرم وارن هٿيارن جا منهن مک پارٽي جي دفتر تي ڪولي ڇڏيا هئا. آفيس ۾ پارٽي جا ڪجهه ڪارڪون ويٺل هئا، گولين جي آواز تي هنن ۾ ترٿلو مچي ويو هو. مک پارٽي جا ڪارڪن جان بچائي پڇڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا، ڪو ڪيڏانهن تي پڳو ته ڪو ڪيڏانهن، پر سندن ساٿياڻي رضيا خرم وارن جي ور چڙهي وئي هئي. اهي ڪيس اغوا ڪري هڪ بلڊنگ جي قبضي ڪيل فليٽ تي ڪٺي آيا هئا. رضيا روئيندي ۽ ٻڏائيندي رهي هئي. خرم هن وٽ اچي وينو هو، رضيا کي هن جي جسم مان عجيب قسم جي بوءِ آئي هئي.

"ڪجهه ته خدا جو خوف ڪريو" رضيا ٽڙڪندڙ لبن سان هن کي چيو هو، اهو ٻڌي خرم اُپ ڏاريندڙ ٽهڪ ڏنو هو، جنهن تي راضيا جو هانءُ ئي ڏڪي ويو، هن جي حالت بلڪل ان هرڻيءَ جيان هئي جيڪا ڪنهن بکيءَ شينهن جي ور چڙهي ويندي آهي. خرم رضيا جي گول چهري تي آڱريون ڦيرڻ لڳو هو. رضيا ست ڏئي هن جو سانورو هٿ پري ڪيو هو،

خرم تمباڪو جي ڳاڙهي ٿڪ ڪنڌ ۾ اڇلائي رضيا ڪي وارن کان پڪڙي پاڻ ڏانهن سوريو هو. رضيا جي واتان هڪ آهه نڪتي هئي سندس اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا هئا، خرم سندس جسم کي مرون جيان نچوڙڻ لڳو هو. سندس پنج ساٿين به رضيا سان ڏاڍائي ڪئي هئي. ٽين رات جو اذيتن ۽ ڏاڍائي ڪانپوءِ خرم وارا رضيا کي قتل ڪري سندس لاش ٻوري ۾ بند ڪري مک پارٽي جي دفتر ٻاهران اڇلائي آيا ويا هئا. اهڙي هيبتناڪ واقعي ڪانپوءِ مک پارٽي مجبور ٿي پ ب ت سان چونڊن دوران سمجهوتو ڪري ڇڏيو هو ۽ شهر ڪرشيا هنن جي حوالي ڪري ڇڏيو هو. پ ب ت وارن ان ڳالهه جو فائدو ڪڻندي نعرو هنيو هو:
"شهر اسان جا، ڳوٺ اوهان جا...." ڪرشيا ۾ خرم موت جو ٻيو نالو بڻجي پيو هو. جڏهن ٿي چونڊن جا ڏينهن ويجهي آيا هئا خرم سندس وحشي ساٿين سان ڪرشيا جي مختلف علائقن جي ماڻهن جا سڃاڻپ ڪارڊ پنهنجي قبضي ۾ ڪري ڇڏيا هئا ۽ چونڊ ۾ به ڏينهن هئا جو هن اعلان ڪيو هو:
"چونڊون پوريون ٿيڻ تائين ڪير به گهران نڪتو ته پاڻ ذميوار هوندو." چونڊ واري ڏينهن پ ب ت وارن پولنگ اسٽيشنن تي قبضو ڪري ڇڏيو هو، چونڊ واري عملي کي هٿيارن جي زور تي پولنگ اسٽيشنن جي ڪمرن ۾ بند ڪري پنهنجي نشان تي اٽيرا ته ٺپا هنيا هئا جو ڪن علائقن ۾ ماڻهن جي انگ کان ووٽن جو انگ وڌي ويو هو. پر پوءِ به ڪنهن ۾ همت نه ٿي هئي جو پ ب ت خلاف ڪا ڪاروائي ڪري سگهن. پ ب ت ڪرشيا جي اهم سياسي ڌر بڻجي وئي هئي، هنن اخبارن کي ڌمڪيون ڏئي ڪرشيا جي خبرن ۾: "ڪرشيا ۽ سندرتا ديس.." لکرائڻ شروع ڪري ڏنو هو، جنهن تي سندرتا ديس جي اصل واسين اعتراض ڪيو هو، جلوس ڪڍيا هئا ۽ نعرا هنيا هئا:
"اهو سندرتا ديس جو ورهاڱو ڪين منظور نه آهي." ان تي ويتر ڪرشيا ۾ خون رزي شروع ٿي وئي هئي، پر اخبارون دستور موجب "ڪرشيا ۽ سندرتا ديس" ئي لکنديون رهيون. اهو جملو پڙهي ۽ پ ب ت وارن جي واتان ٻڌي سندرتا ديس جي حقيقي رهواسين جو رت ٽهڪڻ لڳندو هو، پر هاڻي اهي ايترا ڪمزور ٿي چڪا هئا جو ڪجهه نٿي ڪري سگهيا. خرم ڪرشيا جي واپارين کي ڌمڪيون ڏئي هنن کي به پاڻ سان ملائي ڇڏيو هو ۽ ڪرشيا جي زمينن تي قبضو ڪري مختلف پلازا اڏرائڻ شروع ڪيا هئا. خرم جي لالچ ايتري ته وڌي وئي هئي جو هاڻي هو سندرتا ديس جي قديم وسندين تي به قبضو ڪرڻ جي ارادي سان نڪري پيو هو.

انيتالهه ورهين جي روبانو پ ب ت جي اهڙي رويش خلاف آواز اٿارڻ شروع ڪيو هو.

روبانو جسم ۾ پريل عورت هئي. هو سماجي ڪمن سان گڏ سندرتا ديس ناٽڪ منڊلي نالي ٿئيٽر جي مالڪڻ به هئي، تان جو هن شادي نه ڪئي هئي پر ڪرش نالي نوجوان ڪي پٽ ڪيو هئائين. ڪرش انقلابي گيت لکندو هو ۽ ناٽڪن جي هدايتڪاري به ڏيندو هو، ٿيئٽر جي مک اداڪارا اُجالا به وڏي عرصي کان هنن سان گڏ ڪم ڪندڙ هئي. هڪ ڏينهن روبانو ٿيئٽر جي هال ۾ سيني کي گڏ ڪري هڪ گڏجاڻي ڪئي هئي. اهو شام جو وقت هو، هال ۾ لڳ ڀڳ 35 ڄڻا گول دائرو ڪري وينا هئا، روبانو وچ ۾ وينل هئي. هڪ سپورٽنگ اداڪار سيني وينلن کي چانهه ڏئي رهيو هو. روبانو ڪنگهي گلو صاف ڪيو هو ۽ پوءِ ڌيمي لهجي ۾ ڳالهايو هو:

"مون فيصلو ڪيو آهي ته مان پ ب ت جي سندرتا واسين جي وسندين تي قبضي خلاف احتجاج ڪريان. "سيئي هن کي غور سان ٻڌي رهيا هئا، سندن چهرن جي تاثرن مان اهو صاف ظاهر هو ته اهي سوچي رهيا هئا ته پ ب ت خلاف احتجاج ڪرڻ جي سگهه ڪٿان اچي.

"هاڻي مان هنن جي ناانصافين خلاف چپ نه وهينديس، "روبانو وري ڳالهايو هو.

"آپا اسان ڪهڙو احتجاج ڪنداسين؟ "ڪرش سوال ڪيو هوس، روبانو کي سيئي پيار مان آپا سڏيندا هئا.

"اسان هنن خلاف اسٽريٽ پلي ڪنداسين، ڪرشيا پريس ڪلب ٻاهران احتجاج ۾ وهنداسين، "روبانو چانهه جي سرڪي ڀريندي چيو هو.

"آپا اسان اوهان سان گڏ آهيون، "هن پيري سهڻي، ملوڪ ۽ وڏين ڪارين اکين واري اُجالا ڳالهايو هو. روبانو هن کي ڏسي مرڪي هئي.

"ڪرش تون اڄ کان ئي اسڪرپٽ لکڻ شروع ڪر، "روبانو سندس ساڄي هٿ تي وينل هلڪڙي ڏاڙهي واري نوجوان کي چيو هو.

"جي آپا، "ڪرش به چانهه مان سرڪي ڀري جواب ڏنو هوس.

"شام ۽ نيتن اوهان پلي ڪارڊ ۽ بينر تيار ڪيو، "روبانو اُجالا جي پر ۾ وينل ٻن نوجوانن کي چيو هو.

"جي آپا، "ٻنهي هڪ ئي آواز ۾ چيو هو.

"نيڪ آهي اوهان هاڻي کان ئي ڪم کي لڳي وڃو. "روبانو چئي اٿي هئي ۽ ٿيئٽر جي مٿان سندس ڪمري ڏانهن هلي وئي هئي. ڪرش وارا ڪم کي لڳي ويا هئا. رات دير تائين اهي پلي ڪارڊن تي نعرا ۽ بيئنر ناهيندا رهيا هئا. صبح جو سي روبانو سان گڏ ڪرشيا جي

پريس ڪلب ٻاهران اچي گڏ ٿيا هئا، هنن پهريان اسٽريٽ پلي ڪيو هو ۽ پوءِ احتجاج ۾ ويهي رهيا هئا.
“سندرتا ديس جي قديم وسندين کي لينڊ مافيا کان بچايو وڃي،” روبانو وڏي واڪي نعرو هنيو هو، سندس ساٿين نعري جو جواب ڏنو هو. اهي سڄ لٿي تائين احتجاج ۾ وينا رهيا هئا.
روبانو وارا اڃا ٿيئٽر تي مس پهتا هئا جو هنن تي ڪيترين ئي موٽر سائيڪلن تي سوار هٿياربندن حملو ڪري ڏنو هو، هنن ڏنڊن سان روبانو وارن تي حملو ڪيو هو ۽ گاريون ڏيندي چيو هون:
“حرامخورو ڪرشيا ۾ رهڻو اٿئو ته ماٺ ڪري رهو نه ته  هليا وڃون پنهنجي سندرتا ديس.”
“ڪرشيا به سندرتا ديس ئي آهي،” روبانو اڳيان وڌي هنن کي للڪاريو هو. ٻئي پل ڪنهن سندس مٿي تي ڏنڊو وهائي ڪڍيو هو. هن جي واتان هڪ آهه نڪتي هئي، رت سندس چهري تي ڪرڻ لڳي.
“آپا.... ”اُجالا رڙ ڪري روبانو ڏانهن آئي هئي، ڪيس سندس وارن ۾ ڪا مضبوط گرفت محسوس ٿي هئي، ڪرش ڦڙتي ۾ اڳيان وڌيو هو ۽ ان شخص جي نڪ تي زور سان ٺونشو وهائي ڪڍيو هو. هن جي واتان هڪ گار نڪتي هئي ۽ اُجالا جي وارن مان هٿ ڪڍيو هئائين. اُجالا گوڏن ڀر ويهي روبانو کي پنهنجي هنج ۾ ڪيو هو ۽ هن جي منهن تان رت صاف ڪرڻ لڳي هئي. حملو ڪندڙ ٿيئٽر ۾ ڀڃ ڊاهه ڪري هليا ويا هئا. ڪرش ۽ اُجالا روبانو جي پٽي ڪرائڻ لاءِ هسپتال ڪٺي ويا هئا. ٻئي ڏينهن روبانو زخمي حالت ۾ ئي احتجاج لاءِ نڪتي هئي. سندرتا ديس جي اصل ٻولين واري اخبارن کان سواءِ ڪنهن به سندن احتجاج جي خبر نه ڏني هئي. جڏهن ته رڳو هڪڙي فرنگي اخبار ٿيئٽر تي ٿيل حملي ۽ روبانو جي زخمي ٿيڻ جي خبر هلائي هئي.
روبانو وارا هفتي تائين احتجاج ۾ وينا رهيا هئا، هڪ شام جو هوءَ پنهنجي سلور ڪلر جي مهراڻ گاڏي ۾ ٿيئٽر موٽي رهي هئي جو رستي ۾ ٻه موٽر سائيڪل سوارن جن جا منهن ٻٺن ۾ ٻڌل هئا، سندس گاڏي تي گولين سان حملو ڪيو هو، روبانو کي پيٽ ۾ ٽي گوليون لڳيون هيون ۽ هڪ گولي سندس مٿي ۾ لڳي هئي. هوءَ ٺڏي تي ئي مري وئي هئي. ان حملي ڪانپوءِ ڪرشيا ۾ ڪم ڪندڙ انساني حقن وارا به احتجاج ۾ نڪري پيا هئا، پريس ڪلب ٻاهران روبانو جي فوٽون جي سامهون ميڻ بتيون ٻاريون ويون هيون. ان ڏينهن

ڪرش هڪ پريس ڪانفرنس ڪئي هئي. هال ۾ صحافي وينا هئا، فوٽوگرافر هن جون تصويرون ڪڍڻ لڳا هئا.
“اسان پنهنجا گهر بچائڻ نڪتا هئاسين، ”هن سڏڪو ڀريندي ڳالهايو هو: “اسان جي ڪنهن سان به ذاتي دشمني نه آهي، ان هوندي به اسان تي حملو ڪيو ويو، ٿيئٽر ۾ ٻيج ڏاهه ڪئي وئي، جنهن ۾ اسان جي اڳواڻ آپا روبانو زخمي ٿي پئي، اسان پوليس کان مدد جي گهر ڪئي، ”هن وري هڪ سڏڪو ڀريو هو ۽ پوءِ چيو هئائين: “اڄ وري اسان تي هٿياربندن اسان تي حملو ڪيو ان جي نتيجي ۾ اسان جي اڳواڻ آپا روبانو شهيد ٿي وئي. ”ڪرش وري هڪ سڏڪو ڀريو هو ۽ پوءِ وري چيو هئائين: “هاڻي اسان هي احتجاج ختم ڪرڻ جو اعلان ڪري رهيا آهيون، اسان جو ڪنهن به سياسي ڌر سان واسطو نه آهي. ”ڪرش ڳالهائڻ بس ڪيو هو ته صحافين سوالن جي بوڇاڙ ڪري ڏني هوس:
“اوهان کي ڪنهن تي شڪ آهي؟”
“ڇا اڄا به اوهان کي موتمار ڌمڪيون ملي رهيون آهن؟ ”۽ ٻيا به اهڙا ڪيترا ئي سوال، ڪرش انهن جا جواب سڏڪن ۾ ڏيندو رهيو هو. هو پريس ڪلب کان نڪري ٿيئٽر آيو هو. ان رات دير تائين ٿيئٽر جي هال هو اُجالا سان خاموش وينو رهيو هو.
“ڪرش هاڻي ڇا فيصلو ڪيو اٿئي؟ ”اُجالا ڌيمي لهجي ۾ پڇيو هوس.
”آپا جي ٿيجهي ڪانپوءِ وري ٿيئٽر شروع ڪنداسين، ”هن هال جي خالي ڪرسين کي ڏسندي جواب ڏنو هو.
“۽ آپا جو مشن؟ ”اُجالا حيراني مان سوال ڪيو هوس.
“اهو آپا سان گڏ ختم ٿي ويو، ”هن شرٽ جي اڳئين کيسي مان سگريٽ ڪڍي چپن جي وچ ۾ ڦاسائي ماچيس سان دکايو هو، ڪرش جا چپ گهٽا سگريٽ ڇڪڻ ڪري ڪارا ۽ خشڪ ٿي چڪا هئا.
“ڇا مطلب ختم ٿي ويو؟ ”اُجالا حيراني مان هن کي ڏسندي پڇيو هو.
“مون ۾ اتيري سگهه نه آهي جو پنهنجن جون وڏيڪ لاشون ڪٽي سگهان، ”ڪرش ڪش هڻي خالي ڪرسين ڏانهن ڏنو هو.
“تون بزدل شخص آهين، ”اُجالا ڪاوڙ ۾ اهو چئي هن کي اتي ڇڏي روبانو جي ڪمري ڏانهن هلي وئي هئي. ڪرش اُتي ئي اونداهي ۾ وينو رهيو هو ۽ سگريٽ ڇڪيندو رهيو هو.
خرم جي رستي ۾ ايندڙ روبانو جي موت هن لاءِ ويتر مشڪلون وڌائي ڇڏيون، قانون

نافذ ڪندڙ ادارا هن جي غندن کي گرفتار ڪري ويا هئا. ان تي هن ڪرشيا کي سندرتا ديس کان الڳ ڪرڻ جو مطالبو ڪيو هو. جڏهن ته مک پارٽي جي اڳواڻن وري سياسي چال ڪيڏندي نعرو هنيو هو:
"ڪرشيا سيني جو آهي." هي سلسلو ائين ئي هلندو رهيو، پر ڇهه مهينا اڳ خرم جو رت ۾ ٻڏل لاش سندس محل نما گهر مان مليو، ان جي پاسي کان هڪ خط پيل هو، جنهن تي رڳو اهو لکيل هو:
"ڪرشيا رڳو سندرتا ديس جي اصل رهواسين جو آهي." خرم جي قتل جي ٻئي ڏينهن ميڊيا ۾ هڪ آڊيو بيان هلچل مچائي ڇڏي هئي.
"سندرتا ديس واسيو! مان ڪمانڊر پيرو مل آهيان، مون ۽ منهنجي ساٿين ڪرشيا رڳو سندرتا ديس جي اصل واسين جي آهي، نالي هڪ تحريڪ شروع ڪئي آهي. هر اهو ماڻهو يا سياسي ڌر جيڪا چئي ٿي ته ڪرشيا سيني جو آهي يا ڪرشيا کي سندرتا ديس کان الڳ ڪيو وڃي اسان جو دشمن آهي ۽ اسان پنهنجي دشمن کي ماريندا سين، پوءِ اهو سندرتا ديس جو اصل واسي هجي يا ودبا ٻيٽ کان آيل." هن اعلان ويتر ڪرشيا ۽ ان جي ادارن ۾ ترٿلو مچائي ڇڏيو هو، ڪنهن به پيرو مل نالي شخص جو ڪو اتو پتو ئي نٿي مليو. خرم جي موت تي مک پارٽي جي اڳواڻ ايڊوڪيٽ اندرجيت اخبار ۾ بيان ڏنو:
"ڪرشيا سيني جو آهي ۽ اسان سيني کي ان جي لاءِ ملي ڪم ڪرڻو آهي."

ان رات دير تائين ايڊوڪٽ اندرجيت، جيڪو اٺونجاهه سالن جو صحتمند شخص هو ۽ ڪرشيا جي هڪ پوش علائقي ۾ رهندو هو، سياست ۾ اچڻ کان اڳ سندرتا ديس هاءِ ڪورٽ جو مشهور وڪيل هو، پنهنجي اسٽيڊي ۾ ويهي ڪو ڪتاب پڙهي رهيو هو. شيشي جي ٽيبل تي سندس اڌ پريل جام پيو هو. هو ڪتاب ۾ گم هو، اوچتو دريءَ جي شيشي ٽٽڻ تي هن ڇرڪ ڀريو هو ۽ ڪتاب بند ڪري ٽيبل تي رکي، اٿي دريءَ ڏانهن آيو هو، فرش تي پکڙيل شيشي جي ٽڪرن سان گڏ هڪ سروٽو پيل نظر آيو هوس، جنهن تي ڪو ڪاغذ وڙهيل هو، هن فرش تان سروٽو کڻي ان تان ڪاغذ لاهي کوليو هو، ان جو متن پڙهي سندس من اندر ڏڪي ويو هو، وچ ڪاغذ تي رڳو هڪ جملو لکيل هو: "ڪرشيا رڳو سندرتا ديس جي اصل رهواسين جو آهي." اندرجيت دريءَ وٽ اچي ٻاهر اونداهي ۾ جهاتي پاتي هئي، هر طرف موت جهڙي خاموشي ڇانيل هئي، اوچتو ٻاهران ڪان دري کي نشانو بڻائي گولين جو وسڪارو شروع ڪري ڏنو هو. هڪ گولي سندس مٿي ۾ لڳي هئي. اندرجيت اچي پٽ تي ڪريو هو ۽ ماربل وارو ناسي فرش سندس رت سان ڀرجي ويو هو.

هنن ٻنهي واقعن ڪانپوءِ هر زبان تي پيرومل ۽ سندس تحريڪ جو نالو اچي ويو. انهيءَ دوران عينيءَ سندرتا ديس جي اهم جاسوسي اداري ۾ موٽي هئي. عينيءَ جي مهارت آواز سڃاڻڻ ۾ هئي. هوءَ وري وري آواز ٻڌي اهو ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪندي هئي ته، هن آواز واري جي عمر ڪيتري هوندي، جنس ڪهڙي هوندي، اهو ڪهڙي نسل جو ماڻهو هوندو وغيره.

ننڍي هوندي ڪان ئي عيني جو آوازن سان هڪ عجيب رشتو قائم ٿي چڪو هو. سندس پيءُ گلاب داس ڪرشيا جو وڏو واپاري هو ۽ ماءُ وجنتا ديوي مک پارٽي جي اڳواڻ هئي. اڪثر پ ب ت خلاف ڪو سياسي بيان ڏيڻ تي ڪيس ڌمڪيون پيون ملنديون هيون، هڪ ڀيري ته گهر ٻاهران فائرنگ به ٿي هون، جنهن جي ڪري عينيءَ جو ننڍپڻ خوف جي ڪاري چادر ۾ لڪي ويو هو ۽ ان خوف عينيءَ کي ماءُ پيءُ ڪان پري ڪري ڇڏيو هو، هنن جو هجڻ يا نه هجڻ جي عينيءَ لاءِ ڪا به اهميت نه هئي. سندس زندگيءَ ۾ جيڪڏهن ڪنهن انسان جي اهميت هئي ته اها هئي سندس وڏي ڀيڻ بينا جي هئي، عيني کي ائين لڳندو هو ڄڻ هوءَ بينا جي وجود جو ڪو ٽٽل حصو هجي ۽ بينا ڪانسواءِ هن جي ڪا به اهميت نه هئي. ٻئي ڀيٽون هڪ ئي ڪمري ۾ سمهنديون هيون، سمهڻ ڪان اڳ بينا وديا ٻيٽ جي فلمن جا گانا يا ڊائلاگ آواز مٽائي ٻڌائيندي هئي ۽ عيني کي اکيون بند ڪري اهو ٻڌائڻو هوندو هو ته بينا ڪنهن جي آواز ۾ ڳائي يا ڳالهائي رهي آهي. ان راند مان ئي عيني کي رڳو آواز جي بنياد تي ماڻهو سڃاڻڻ ۾ دلچسپي پيدا ٿي هئي. جئين جئين ٻئي ڀيٽون وڏيون ٿينديون ويون اها راند به هنن جي وچ ۾ وڌندي رهي. عيني جڏهن نائين ڪلاس ۽ بينا ڏهين ۾ هئي، هڪ رات عيني اکيون بند ڪري بيڊ تي ليٽيل هئي ۽ ڪنهن نئين آواز جي انتظار ۾ هئي، بينا گلو صاف ڪيو هو، عيني جي منهن تي تجسس مان مرڪ ٿي اچي وئي، اوچتو سندس ڪنن سان ڪو چوڪراڻو آواز ٽڪرايو هو، عيني هڪدم اکيون کولي بينا کي ڪاوڙ مان ڏسي چڙٻ ڏيندي چيو هو:

"بينا اها ڪهڙي بدتميزي آهي؟"

"ڇا مطلب؟ "بينا حيراني مان هن کي ڏسندي چيو هو.

"تو ڪرش جو آواز ڪڍيو نه! "عيني ڀيڻ کي ڏسندي چيو هو.

"تون ڪرش جو آواز سڃاڻي وئين... "بينا مذاق ۾ مرڪندي چيو هيس.

"توکي خبر به آهي ته هو مونکي زهر لڳندو آهي، "عيني ويتر ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو هو. ڪرش عينيءَ جو ڪالس فيلو هجڻ سان گڏ اسڪول جي ڊراما سوسائٽي ۽ ڪرڪيٽ

ٽيم جو ڪلاڙي هو، انهن ٻنهي ڪمن مان واندو ٿي جڏهن ڪلاس ۾ ايندو هو ته سندس نظرون رڳو عينيءَ ۾ هونديون هيون، جنهن تي عينيءَ کي عجيب قسم جي مونجهه ٿيندي هئي.

”عيني مونکي لڳي ٿو هو تو تي مرندو آهي،“ بينا ويتر عيني کي چڙائڻ لاءِ مرڪي چيو هيس.

”ان جي ڪري ئي ته مونکي زهر لڳندو آهي،“ عيني بيڊ تي سڌو ليٽندي چيو هو: ”هو هر وقت ڪلاس ۾ مستي ڪندو رهندو آهي، ٽيچرن سان بتميزي ڪندو آهي، ڪڏهن ڪنهن سان وڙهي اچي ته ڪڏهن ڪنهن سان.“

”عيني مونکي لڳندو آهي ڪرش نظر انداز ٿيل ٻار آهي، انهن حرڪتن سان هو پنهنجي هجڻ جو احساس ڏياريندو آهي، جيڪڏهن ڪيس ٿوري توجو ۽ پيار مليو ته هو هڪ ڏينهن ضرور وڏو ڪارنامو ڪري ويندو،“ هن پيري بينا سنجيدگيءَ سان چيو هيس، ان تي عيني طنز ۾ کلڻ لڳي هئي ۽ چيو هئائين: ”ڪرش ۽ ڪارنامو ٻه الڳ الڳ شيون آهن، مون کي ته هو چريو لڳندو آهي.“

”هڪ ڏينهن مون اسانجي سائڪالاجي جي ٽيچر مس برڪا ڪان ڪرش جي اهڙي ورتاءُ جي باري ۾ پڇيو هو، مس ٻڌايو هو ته ڪرش تخليقي صلاحيتون رکندڙ آهي ۽ اسان جي معاشري ۾ تخليقي ماڻهن کي ناڪارا سمجهيو ويندو آهي، اهڙي قسم جا ٻار تخليقي صلاحيتن کي سمجهڻ تائين هر شيءَ کي تباهه ڪرڻ گهرندا آهن، ڇو جي اهي شيون سندن مزاج موجب نه هونديون آهن، اهي شين کي هڪ الڳ نظر سان ڏسندا آهن ۽ تباهي ڪان تخليق جي سفر دوران اهي ضدي ٿي پوندا آهن،“ بينا چيو هيس، عيني چپ ٿي رهي هئي ڪمري ۾ خاموشي ڇائنجي وئي هئي.

عيني کي ڪرش جو حرڪتون ڏڪائي ويندیون هيون، هوءَ هن جي ويجهو اچڻ چاهيندي هئي، پر ڪرش وري ڪا اهڙي حرڪت ڪري وجهندو هو جو عيني هن ڪان پري ٿي ويندي هئي. آخري پيرو ٻه ائين ئي ٿيو هو، تڏهن عيني وارا ڏهين ڪلاس ۾ هئا. ڪرش اسڪول جي ڊراما سائٽي ڪرش جي حوالي هئي. ڪرشيا جي اسڪولن ۾ ڊرامن جا مقابلا ٿيڻ وارا، ڪرش وارن جي اسڪول کي مارچنٽ آف وينس ڊرامي تي پرفارم ڪرڻو هو. ڊرامي ۾ روپا نالي ڇوڪريءَ کي ڪينو ويو، ان تي ڪرش کي اعتراض هو، سندس خيال هو ته روپا اداڪاري نه ڪري سگهندي، ان وقت روپا نائين ڪلاس جي شاگردياڻي هئي، ان سان گڏ هوءَ اسڪول جي ميوزڪ ٽيچر ۽ ڊراما سوسائٽي جي انچارج مس انجلي جي ڀاڻيجي هئي.

ڪرش وارا اسڪول جي هال ۾ هئا، ڪنهن سين جي ريهرسل تي ڪيائون، روپا ڪان ڊائلاگ ياد ئي نٿي ٿيو.
“ايتري ڳالهه توکي سمجهه ۾ نٿي اچي، ”ڪرش روپا ڳار ڏيندي تلخ لهجي ۾ چيو هو، جنهن تي روپا هن سان وڙهي پئي، ٻيا شاگرد به ڪرش کان خفا ٿي پيا هئا.
“تون ٿيندو ڪير آهين مونسان ائين ڳالهائڻ وارو؟ ”روپا ڪاوڙ مان ڪرش کي چيو هو ۽ هن ڏانهن اچي ڪيس چماٽ وهائي ڪڍي هئائين، ڪرش به سندس ڪاوڙ تي قابو نه ڪري سگهيو ۽ روپا کي ڌڪو ڏنو هئائين، روپا جو مٿو وڃي پٽ سان لڳو هو، هوءَ هيٺ اسٽيج تي ويهي روئڻ لڳي هئي. ڪجهه ڇوڪريون مس انجلي کي وٺي آيون هيون.
“هي ڇا ٿي رهيو آهي؟ ”مس انجلي ريهرسل هال ۾ اچي رڙ ڪئي هئي ۽ روپا جي پاسي کان ويهي رهي هئي.
“مس ڪرش روپا کي غلط ڳالهايو ۽ پوءِ هن کي ڌڪو ڏنائين. ”هڪ ڇوڪريءَ انجلي کي ٻڌايو هو، انجلي جي اکين ۾ ڪاوڙ مان باهه اچي وئي هئي.
“ڪرش هاڻي کان تون ڊراما سوسائٽي جو حصو نه آهين نڪر هتان، ”انجلي ڪاوڙ مان چيو هوس، ان تي ويتر ڪرش آپي مان نڪري ويو هو، ٻيو ته ڪجهه نه ڪري سگهيو هو پنهنجي هٿ ۾ جهليل اسڪرپٽ ڦاڙي مس انجلي تي اڇلايو هئائين، ان لقاءُ تي باقي شاگرد وائڙن جيان هن کي ڏسڻ لڳا هئا، انجلي اٿي ڪرش کي ٻه ٽي چماٽون وهائي ڪڍيون هيون، ڪرش جا ڳٽا ڳاڙها ٿي ويا هئا، ڪرش ريهرسل هال کان ٻاهر نڪري ويو هو. ٻئي ڏينهن اسمبلي دوران ڪرش کي اسڪول کان نڪالي جو اعلان ڪيو ويو هو. ان ڏينهن کي اڙهن سال گذري ويا آهن ۽ عيني ڪرش کي نه ڏٺو آهي. عينيءَ کي وري ڪڏهن به ڪرش جي ياد نه آئي هئي. ڪرشيا ۾ عيني ۽ سندس گهروارن جي زندگي به ڪا سولي ڪونه هئي. وجنتا ديوي جي سياست ۽ گلاب داس جي ڪاروبار جي ڪري سندن گهر تي هميشه پ ب ت جي غنڊن جي نشاني تي رهندو هو. ڇهه سال اڳ عيني وارن جي زندگي ۾ هڪ طوفاني رات آئي هئي. اهو چونڊن جو دور هو ۽ سموري سندرتا ديس ائين ٿي لڳو ڄڻ چونڊون رڳو ڪرشيا شهر ۾ ئي ٿينديون هجن، سندرتا ديس جي ٻين حصن ۾ مک پارٽي جا اميدوار سگهارا هئا پر ڪرشيا شهر ۾ پ ب ت وارن جو قبضو هو. پ ب ت جي غنڊا گردي، ڀتاخوري ۽ دهشتگردي ڪارڻ شهر ۾ سندن گهرو تنگ ٿي رهيو هو. انهن ڏينهن ۾ عيني ڪنهن ٻاهرين ملڪ پڙهڻ لاءِ ويل هئي. چونڊن جي حوالي سان وجنتا ديوي ۽ گلاب داس مهم تي نڪتل هئا، جڏهن ته بينا سندرتا ويلي اسڪول آف آرٽس ۾ سندس ڪنهن

پراجيڪٽ تي ڪم ڪري رهي هئي، هوءَ صبح جو گهران نڪرندي هئي ۽ سج لهتي جو گهر موٽندي هئي، آرٽ جي دنيا ۾ پير پائڻ ڪانپوءِ بينا ڪان دنيا جي ٻئي هر شيءَ وسري وئي هئي، ڪيس سياست ۽ خاص ڪري ڪرشيا جي سياست ڪان نفرت هئي. ان شام جو وجنتا ديوي ڪي پارٽي جي سياسي جلسي ڪي خطاب به ڪرڻو هو. اهو هڪ وڏو جلسو هو، پ ب ت وارن جا سمورا اندازا غلط ثابت ٿيا هئا، هنن ڀانيو هو ته مڪ پارٽي جي سڏ تي ڪرشيا جو عوام نه نڪرندو، پر عوام خواف جا سڀ بند ٽوڙي ٻاهر نڪري پيو هو. وجنتا ديوي خطاب ڪندي اعلان ڪيو هو:

”اسان پ ب ت جي غندن ڪان ڊڄڻ وارا نه آهيون، اسان چوندن ۾ سندن ضمانتون ضبط ڪرائينداسين.“

”وجنتا ديوي زندهه آباد.....مڪ پارٽي زندهه آباد..... “عوام اپ ڏاريندڙ نعرا هڻڻ شروع ڪيا هئا. مٿان وري وجنتا ديوي ان تڪ تان چوندڊ وڙهڻ جو اعلان ڪيو هو جٿان گذريل ٽيهه سالن ڪان پ ب ت بنا مقابلي چوندون ڪٽيندي ٿي آئي. پ ب ت وارن ان ڪي انا جو مسئلو ڪري ڇڏيو، خرم ته پارٽي جي گڏجاڻين ۾ صاف صاف اعلان ڪيو هو ته ڪرشيا شهر ۾ ايترو ته خوف پکيڙيو جو ايندڙ سو سالن تائين ڪير به هنن خلاف چوندن ۾ بيهڻ جي همت نه ڪري سگهي. مڪ پارٽي جي اميدوارن ڪي ڌمڪيون اچڻ شروع ٿي ويون هيون، واپارين ڪي ڀتن جون پرچيون ملڻ شروع ٿي ويون هيون. ڪرشيا شهر جي پوش علائقن مان امير ماڻهن جا ٻار اغوا ٿيڻ لڳا هئا. تان جو قانون نافذ ڪندڙ ادارا چرپر ۾ هئا، پر سياسي ماحول ۾ ڪنهن ۾ به هٿ وجهڻ ڏکيو ڪم هو. سج لهي چڪو هو، بينا ڪاليج جي گيٽ ڪان نڪري ڏانهن آئي هئي، پوڙهي ڊرائيور ٻهار هن لاءِ دروازو ڪوليو هو، هن ڪلهي ۾ لڙڪندڙ بيگ لاهي پاسي ڪان سيٽ تي رکيو هو، گاڏي هلڻ لڳي هئي، گاڏي اچي هڪ سگنل تي بيٺي هئي. بينا جي گاڏي جي بلڪل پاسي ڪان هڪ موٽر سائيل اچي بيٺي، ان تي ٻه ڄڻا سوار هئا، ٻنهي ڪي پينٽ شرٽ پهريل ۽ مٿي تي ڪارا هيلمٽ هئا. بينا هڪ ڀيرو موٽرسائيڪل سوارن ڪي ڏسي، هٿ ۾ جهليل موبائيل ۾ ڏسڻ لڳي هئي، اوچتو سگنل کليو هو ۽ گاڏين جي هارون جي وچ ۾ وري ٽريفڪ هلڻ شروع ٿي وئي، بينا جي گاڏي فلائي اوور تي چڙهي هئي موٽر سائيڪل به هن جي پنيان پنيان ٿي آئي، اڪ چنپ ۾ بينا جي گاڏي تي موٽر سائيڪل سوارن گوليون هلائڻ شروع ڪري ڏنيون هيون، ونڊ اسڪرين پرزا پرزا ٿي وئي ۽ ڪجهه شيشا بينا ڪي لڳا هئا ۽ هوءَ رخمي ٿي پئي هئي، پوءِ به سندس ذهن ڪم ٿي ڪيو ۽ هوءَ سيٽن جي وچ واري وٿي ۾ ليٽي ٻي پاسي جو در ڪولي هيٺ

زمين تي ليٽي پئي هئي، پهرين ڪجهه فائرن ۾ ئي ڊرائيور مري چڪو هو. هو اسٽيرنگ ويل تي ڪريو پيو ۽ گاڏي جو هارون تي وڄو، گاڏي رت سان پري پئي هئي. بينا جو سمورو جسم خوف سبب ٿڙڪي رهيو هو سندس موبائيل به ڪٿي ڪري پيو هو. موٽر سائيڪل هوا ۾ زوڪات ڪندي هلي وئي هئي. بينا زمين تان اٿي پل تي ويران قدمن سان هلڻ لڳي هئي، سندس جسم ۾ رڙڻي هئي، سندس پاسي کان ڪا گاڏي يا موٽر سائيل تي گذري ته هوءَ خوف ۾ ڇرڪي ٿي وئي. هوءَ ڪيتري ئي دير تائين ائين ئي پنڌ هلندي رهي هئي ۽ پوءِ ڪيس گهمري آئي هئي ۽ بيهوش ٿي ڪري پئي هئي.

وجنتا ديوي جو موبائيل فون هر هر ٿي وڄو. ڪيس ڪجھ به سمجھ ۾ نٿي آيو، گلاب داس به هن سان گڏ ئي ٽي وي لائونج ۾ ويٺل هو. ٽي وي لائونج به باقي گهر جيان سهڻي نموني سينگاريل هو، درين تي نيرا پردا، ڪارا آرام ڏيندڙ صوفا سيٽ، ماربل جي فرش تي قالين وڇايل، وچ ۾ شيشي جي ٽيبل رکيل، ڇت خوبصورت فائونس ٽي لڙڪيو، جڏهن ته سامهون پٽ تي سوني جي ٻاونجاھ انچن واري ڪاري ايل اي ڊي لڳل هئي. گلاب داس هر هر خبرن جا چينل ٿي مٽايا، هر چينل تي بينا جي گاڏي مٿان ٿيل حملي جي خبر ٿي هلي، هو هڪ مشهور خبرن جو چينل ڏسڻ لڳو هو.

”ڇيو پيو وڃي ته گاڏي ۾ مک پارٽي جي اڳواڻ وجنتا ديوي جي ڌيءَ بينا سوار هئي. هوءَ ڪاليج کان گهر وڃي رهي هئي. ٻن موٽر سائيڪل سوار هٿياربندن هن جي گاڏي تي حملو ڪري ڏنو. حملي ۾ ٻاهٺ سالن جو ڊرائيور بهار ٿڏي تي ئي مارجي ويو. جڏهن ته بينا جي باري ۾ اجا به ڪا حتمي ڄاڻ نه ملي آهي. ڪرشيا جي پوليس بينا جي ڳولها شروع ڪري ڏني آهي، پر گذريل ٻن ڪلاڪن کان هن جو ڪو به پتو نه پئجي سگهيو آهي.“اهو سڀ ٻڌي وجنتا ديوي هنجون هاري روئڻ لڳي هئي، گلاب داس ٽي وي بند ڪري زال جي پاسي کان اچي وينو هو. رات جو هڪ ٿي چڪو هو، اجا به بينا جي ڪا خبر نه آئي هئي. وجنتا ديوي ۽ گلاب داس اجا به ٿي وي هال ۾ ئي ويٺل هئا. اوچتو هڪ وڏو ڌماڪو ٿيو هو جنهن سان سموري گهر جون دريون ئي لڏي ويون هيون. وجنتا ديوي وارا خوف ۾ ٻاهر ڪار پورچ ڏانهن ڀڳا هئا، گهر تي ڪنهن ڪريڪر بم اڇلايو هو، جنهن جي ڪري وجنتا ديوي جي پراڊو جا شيشا پرزا پرزا ٿي ويا هئا.

”ڪالو ...منظر ...وشنو “...گلاب داس پريشاني جي عالم ۾ نوڪرن ۽ چوڪيدارن کي رڙ ڪري سڏيو هو، پر ڪنهن به سندس سڏ جو جواب نه ڏنو هو، هو پريشاني ۽ حيراني ۾ گهر جي مک ڪاري در ڏانهن وڌڻ لڳو هو، وجنتا ديوي به هن سان گڏ هلڻ لڳي هئي.

اوچتو مک ڪارو در ڪليو هو، اهي ٻئي بيهي رهيا هئا. در مان ٻه ٻتون ٻڌل همراه اندر آيا هئا، هنن جي هٿن ۾ ڪلاڪشنڪوف هيون، هٿياربند گلاب داس وارن تي هٿيار سڌا ڪري گوليون هلائڻ شروع ڪيون هيون. ٽي گوليون گلاب داس جو پيٽ چيري ويون هيون، جڏهن ته وجنتا ديوي اندر وجڻ لاءِ مڙي هئي ته چار گوليون سندس پٺي ڪي ڦاڙي ويون هيون، زال مڙس ڪجھ ئي فاصلي تي ماربل جي فرش تي ڪريا هئا، سندن لاشا رت ۾ ٻڏل هئا، ماربل جي ناسي فرش تي هر طرف رت ئي رت هو. ٻئي هٿياربند اک ڇنڀ ۾ گھر کان ٻاهر نڪري ويا هئا ۽ گھر تي چار پيٽرول بم اڇلائي غائب ٿي ويا هئا. هڪ پيٽرول بم پورچ ۾ بيٺل نندي گاڏي تي ڪريو ته ان گاڏي جي سي اين جي ڪٽ ڦاٽي پئي هئي، جنهن سبب وڏو ڌماڪو ٿيو هو ۽ باه لڳي وئي هئي، ڪاري آسمان تي باه جا اُلا ٿي اڏاميا، سڄي پاڙي ۾ خوف ۽ هراس ڇائنجي ويو هو. فائر برگيڊ، پوليس نفري ۽ ميڊيا وارا اچي گھر ٻاهران پڳا هئا، اڌ ڪلاڪ تائين باه کي وسائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي ۽ پوءِ وجنتا ديوي ۽ گلاب داس جي گولين سان ڇچريل ۽ اڌ سڙيل لاشن کي ٻاهر ڪڍيو ويو هو.

عيني لڊنيستان اسڪول آف سائڪيٽري مان مس پنهنجي فليٽ تي پهتي هئي، اسٽيڊي ٽيبل تي ڪتاب رکيا هئائين جو سندس فليٽ جي بيل ڇيڪات ڪري وڳي هئي، هوءَ در ڏانهن وئي هئي، ڪاٺ جي اچي در کي ٿوري وٿي ڏئي ٻاهر ڏٺو هئائين، ڪيس در وٽ ڪارن سوٽ بوٽ ۾ ٻه همراه نظر آيا، سندن اکين تي ڪارن شيشن واريون عينڪون هيون، هڪ جيڪو لڳ ڀڳ انتالهن سالن جو ٿي لڳو، جنهنجو اڌ مٿو گنجو ۽ پٺ مٿکي جيان گول هوس ٿورو اڳيان وڌيو.

”يس، “عيني ان همراه جي ونگ ۾ لڳل بلب سبب چمڪندڙ گنج کي ڏسندي چيو.

”مس عيني؟ “ان همراه سلجهيل لهجي ۾ ڳالهايو.

”جي، “عيني جواب ڏنو هيس.

”اسان سندرتا ديس جي هاءِ ڪميشن مان آيا آهيون، اوهان کي اسان سان گڏ هلڻو پوندو. “ ٿلهي ۽ گنجي همراه چيس.

”جي ...چو....؟ “عيني حيراني مان سوال ڪيس.

”پليز اوهان اسان سان اچو، “ان ساڳي همراه مهذب انداز ۾ چيس. عيني فليٽ کان نڪري در بند ڪري هنن سان هلڻ لڳي، اهي ڏاڪڻون لهندا فليٽن جي عمارت جي ٻاهران اچي ويا، روڊ جي پاسي کان هڪ ڪاري گاڏي بيٺل هئي، عيني ان جي بيڪ سيٽ تي ويٺي، ٿلهو همراه هن جي پاسي کان ويٺو، سندس ساٿي جيڪو لڳ ڀڳ پنجٽيھ سالن جو سنهڙو

سانورو شخص هو، ڊرائيور جي پاسي کان اڳيئن سيٽ تي وينو. گاڏي هلڻ لڳي هئي ۽ سندرتا ديس جي هاءِ ڪميشن جي عمارت اندر پارڪنگ ۾ اچي بيني. گاڏي جا ٽي در کليا هئا، عيني لسي فرش پير رکي گاڏي کان ٻاهر آئي هئي ٻئي پاسي کان ٽلهو همراهه به گاڏي کان ٻاهر آيو هو ۽ عيني جي پاسي کان اچي چيو هئائين:

”مس عيني پليز اچو مون سان، “هن عيني کي چيو ۽ عمارت ۾ اندر وڃڻ لڳو هو، عيني به هن سان گڏ هلڻ لڳي هئي، هو هڪ ناسي ڪاٺ جي در اڳيان بيهي رهيو هو، ان تي سنهري پٽي لڳل هئي، جنهن وڏن ڪارن اکرن ۾ ”هاءِ ڪميشنر “لکيل هو، ان همراهه در جي گول سنهري هٿي ۾ هٿ وجهي ڦيرو ڏنو هو ته در کلي ويو هو، اهي ٻئي ڪمري اندر آيا هئا، ڪمري اندر هڪ ننيڙي ڪاٺ جي ڪيبن هئي ۽ پاسي هڪ ٻيو ڇاٽ جو ناسي در هو، ڪبين ۾ هڪ خوبصورت جوان ڇوڪري ويني هئي، سندس اڳيان ميز تي ڪمپيوٽر ۽ ڪجھ فون سيٽ رکيل هئا. ٽلهي همراهه ان ڇوڪري کي مرڪي هيلو ڪيو هو ته هن به مرڪي جواب ڏنو هيس، جنهن سبب سندس هيرن جيان جرڪندڙ ڏند ظاهر ٿيا هئا.

”مس روزي ڪميشنر صاحب کي اطلاع ڏيو ته مس عيني اچي چڪي آهي، “ٽلهي همراهه سهڻي ملوڪ رسيپشنسٽ کي چيو هو.

”جي سر، “هن مرڪي جواب ڏنو ۽ هڪ ڪرسيءَ ڏانهن اشارو ڪري عيني کي ويهڻ جو چيو هئائين، ٻئي پل هن هڪ فون سيٽ جو ريسيور ڪٽي رڳو ٻه نمبر ملايا هئا. اڳيئن پل هوءَ فون تي ڇوڻ لڳي هئي.

”سر مس عيني اچي چڪي آهي.“

”جي سر. “چئي هن ريسيور رکيو هو ۽ عيني کي ڏسي چيو هئائين:

”پليز اچو، “عيني حيراني مان ان شخص کي ڏنو هو، هو ها ۾ ڪنڌ لوڏي آفيس کان ٻاهر هليو ويو هو، رسيپشنسٽ ڪرسي تان اٿي عيني سان گڏ در تائين آئي هئي، در کولي عيني کي اندر وڃڻ جو چيو هئائين. عيني حيراني ۽ پريشاني ۾ اندر آئي هئي، هي هڪ وڏو ۽ شاندار آفيس هو، جنهن جون ڀتيون آف وائيٽ رنگ سان رنگيل هيون، دريءَ تي آسماني رنگ جا پردا چڙهيل هڪ وڏي ميز جنهن تي ڪارو شيشو رکيل هو ڪمري جي وچ ۾، ان جي هڪ پاسي چار ڪرسيون، ڪاٻي پاسي ڪجھ پرپرو صوفا سيٽ رکيل، ميز جي پٺيان آرامده ڦرڻي ڪرسيءَ تي هڪ پنجاهه سالن جو ڳاڙهو ڳٺول شخص وينل هو، جنهن جي مٿئين چپ تي ڪارين مڇين جي سنهڙي ليڪ هئي، مٿي جا وار ڪسيل ۽ اکين تي وڏن شيشن واري نظر جي عينڪ پهريل هوس، ساڄي پاسي ڀت تي هڪ وڏي آيل سي ڊي لڳل

هئي، جنهن ۾ تصوير ته آئي ٿي پر آواز بند هوس. ان شخص عيني کي ڏسي مرڪيو ۽ ڪرسيءَ تان ٿورو مٿي ٿي ٻئي پاسي رکيل ڪرسي ڏانهن اشارو ڪندي سلجهيل انداز ۾ ڳالهايائين:

”مس عيني پليز ويهو.“عيني هن کي حيرت مان ڏسي هڪ ڪرسي ٻاهر ڇڪي ان تي ويهي رهي.

”مس عيني مان هتي سندرتا ديس جو هاڻ ڪمشنر پون ايم ڪمار آهيان،“ ان همراهه اکين تان ٿلهي فريم وارو چشمو لاهي ٽيبل تي رکندي ڳالهايو، عيني هاڪاري ۾ ڪنڌ لوڏيو.

”مونکي وڏي افسوس سان هي خبر ڏيڻي ٿي پئي ته ڪالهه رات هڪ اڻڄاتل واقعي ۾ اوهان جا والدين گلاب داس ۽ وجنتا ديوي قتل ڪيا ويا آهن،“پون ڪمار ٿڌو شوڪارو ڀري عيني کي ٻڌايو هو، اهو ٻڌي عيني وائڙن جيان ان همراهه کي ويران نظرن سان ڏٺو هو، هاڻ ڪمشنر عيني کي ڪرشيا کان نڪرندڙ هڪ مشهور اخبار ڏيکاري هئي، جنهن جي ليڊ اسٽوري ان قتل جي حوالي سان هئي. خبر پڙهندي عيني جي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا هئا، هن ٽيبل تي پيل ٽيشو پيپر جي دٻي مان ٻه ٽي ٽيشو ڪڍي اکيون صاف ڪيون هيون ۽ سڏڪن ۾ هاڻ ڪمشنر کان پڇيو هئائين:

”بينا....!“

پون ڪمار سائيڊ ٽيبل تي رکيل جڳ مان پاڻي گلاس ۾ لاهي عيني جي سامهون رکيو هو ۽ چيو هو:

”ڪالهه بينا ڪاليج کان گهر موٽي رهي هئي ته سندس گاڏي تي ٻن هٿياربندن حملو ڪري ڏنو،“ان تي عيني اکيون بند ڪري ڇڏيون هيون، ڪيس ائين لڳو هو ڄڻ هن جي مٿان آسمان ڪري پيو هجي، ڪيس لڳو هو سندس دنيا اجڙي چڪي هجي.

”ان حملي ۾ بينا جو ڊرائيور ٿڏي تي ئي فوت ٿي ويو،“هاڻ ڪمشنر جو آواز عيني جي ڪنن تي ڪوهڙ جيان ڪڙڪيو هو: ”پر اڃا تائين اوهان جي ڀيڻ بينا جي ڪا به گهر نه پئجي سگهي آهي،“ان تي عيني اکيون کولي پون ڪمار کي ڏٺو هو، هن ٻڌايو هوس: ”اسان جي ڄاڻ موجب جنهن وقت اوهان جي ڪرشيا واري گهر تي حملو ٿيو ان وقت به بينا گهر ۾ نه هئي، قانون نافذ ڪندڙ ادارا بينا کي ڳولهي رهيا آهن، جيئن هن جي ڪا ڄاڻ ملي، اوهان سان رابطو ڪيو ويندو.“عيني هاڪاري ۾ ڪنڌ لوڏيو هو، سندس اکيون نير ڳاڙينديون رهيون هيون، سندس دماغ جي پردن سان بينا جا ٽهڪ، مستي مذاقون ۽ ڳالهيون ٽڪرائجڻ لڳيون هيون، هن جي اکين آڏو ڀيڻ جو مرڪندڙ چهرو ڦري رهيو هو.

”مس عيني هڪ ٻئي ڳالهه، “پون ڪمار جو سخت آواز عيني جي ڪنن تي ڪريو ، هن چيس: ”اسان ڪي مليل ڄاڻ موجب اوهان جي زندگيءَ کي به خطرو تي سگهي ٿو ان ڪري اوهان کي پنهنجو موجودا فليٽ ڇڏي هاءِ ڪميشن پاران تجويز ڪيل گهر ۾ رهڻو پوندو ۽ ٻيو اهو ته جيڪڏهن اوهان پنهنجي آس پاس ڪنهن ويڳاڻي کي ڏسو ته ترت ئي اسان سان رابطو ڪريو.“

”مان سندرتا ديس وڃڻ تي چاهيان، “عيني ٿڙڪندڙ چپن سان ڳالهايو هو، هاءِ ڪمشنر حيرت ڀري نظرن سان ڪيس ڏٺو هو، هڪ پل جي ساهي ڪانپوءِ چيو هئائين:

”مس عيني اهو ممڪن نه آهي.“

”ڇو ممڪن نه آهي؟ “عيني حيرت ۾ هن کي ڏسندي پڇيو هو.

”اوهان جي زندگي کي خطرو آهي، “پون ڪمار نرم لهجي ۾ جواب ڏنو هوس.

”ڪنهن کان؟ “عيني وري حيراني مان سوال ڪيو هو.

”انهن کان ئي جن اوهان جي ماءُ پيءُ کي قتل ڪيو آهي، “پون ڪمار وري به نرم لهجي ۾ جواب ڏنو هوس. عيني چپ تي وئي هئي، ڪيس ڪجهه به سمجهه ۾ نٿي آيو، هڪ ڏينهن ۾ سندس سموري زندگي مٽجي وئي هئي، هڪ ئي رات ۾ هوءَ دنيا اڪيلي تي وئي هئي. هوءَ جڏهن هاءِ ڪميشن جي ڏسيل فليٽ ۾ آئي هئي ته هر شيءَ ڪيس ويڳاڻي تي لڳي. عيني اوچتو ڇرڪ ڀري ننڊ مان اٿي پوندي هئي ۽ پوءِ دير تائين سڏڪن ۾ بينا کي ياد ڪندي رهندي هئي. هن لدنيستان مان ڊگري پوري ڪئي هئي ۽ پوءِ ڪيس ڪرشيا پوليس جي آءِ بي ۾ نوڪري ملي وئي هئي، جتان ڪيس سندرتا ديس جي مک ڄاڻ ڳڌ ڪندڙ اداري ۾ موڪليو ويو، ان سموري عرصي دوران هن بينا جي ڳولها ۾ ڏينهن رات هڪ ڪري ڇڏيا پر ڪيس بنيا جي ڪا به خبر نه ملي هئي، اڪثر هوءَ اهو سوچي ته بينا جيئري آهي ۽ ڪڏهن نه ڪڏهن هوءَ ڪيس ملي ويندي تي مطمين تي ويندي هئي.

ان وقت صبح جا ساڍا ڏهه تي ٿيا، عيني هٿ ۾ هڪ ناسي فائيل کڻي ماربل جي لسي فرش تي هلندي اداري جي ڊرائڪٽر جي آفيس ڏانهن وڌڻ لڳي، سندس پيرن ۾ پهريل وڏي کڙي واري ڪاري سينڊل مان عجيب آواز تي نڪتو، هوءَ ونگ مان هلندي ڊارئڪٽر جي پي اي جي ڪيبن وٽ اچي بيني ۽ مرڪي چيائين:

ممتا سر کي منهنجي اچڻ جو اطلاع ڏيو،“ عيني مرڪي چپن جن تي ڳاڙهي لپ اسٽڪ لڳل هيس تي زبان ڦيريندي پنجٽيهه سالن جي صحتمند پي اي جنهن جا ڪارا وار ڪليل ۽ اکين

۾ ڪجل پهريل هيس ڪي چيو.
”جي ميڊم، پليز ويٽ ڪريو،“ ممتا به مرڪي چيس ۽ ڀئي پل ڊيسڪ تي رکيل اڇو ريسور کڻي ڪو نمبر ملائي ڊائريڪٽر کي اطلاع ڏنو.
”جي سر،“ چئي ممتا ريسور رکي عيني کي مرڪي ڏسندي چيو:
”اوهان اندر وڃي سگهو ٿيون.“ عيني مرڪي هاڪاري ۾ ڪنڌ لوڏيو ۽ ڪاٺ جي ناسي در ڏانهن وڌي وئي. ڊائريڪٽر پائولي لڳ ڀڳ سٺ سالن جو مضبوط هٿين ڪاٺين وارو شخص، ڪيس سندرتا ديس ۾ جاسوسي جو بي تاج بادشاهه سمجهيو ويندو هو، هن پنهنجي ڪيرئر ۾ جيڪو ٽيهه سالن کان مٿي جو هوس، ڪيترا ئي خطرناڪ ڪيس نبيريا هئا، هو چاڻ ائين حاصل ڪري وٺندو هو جڻ ڪير مان مک ڪڍندو هجي. هاڻي ڪيس رٽائر ٿيڻ ۾ باقي اٺ مهينا بچيا هئا ۽ هن چاهيو ٿي ته پيرومل ۽ سندس تحريڪ جو راز هن جي هوندي ئي فاش ٿي. پائولي ڏينهن ۾ ايتري ته چانه پيئندو هو جو سندس ويجها دوست ڪيس مذاق ۾ چوندا هئا هن جي رڳن ۾ رت بدران چانه ٿي هلي. ان وقت به هن جي اڳيان ٽيبل تي چانه جي پيالي رکيل هئي. هن عيني جي سلام جو مرڪي جواب ڏنو ۽ اشاري سان ڪيس ڀئي پاسي ڪرسي تي ويهڻ جو چيو. عيني ڪرسي تي ويني ۽ ناسي فائيل ٽيبل تي رکيائين. پائولي چانه جي ڪپ مان سرڪي ڀري پڇيس:
”ڇا اپڊيٽس آهن؟“
”سر مونکي لڳي ٿو ته هن آواز کي مان سڃاڻيان ٿي،“ عيني فائيل هن ڏانهن وڌائيندي ڳالهائڻ شروع ڪيو، پائولي فائيل کولي ان کي غور سان پڙهڻ لڳو ۽ پوءِ سنجيدگي سان عيني کي ٻڌڻ لڳو، هن ڪرسي کي ٽيڪ ڏئي هڪ آهي ڀري ۽ پوءِ اکين تان ڪاري فريم واري نظر عينڪ لاهي ڇت ۾ ڏنائين.
”ڏس عيني ڪرشيا شهر جو سمورو ڪاروهنوار ڊاواڊول لڳو پيو آهي، هڪ پاسي ڪان وڏيا ٻيٽ وارا اسان خلاف سازشيون ڪري رهيا آهن ته ٻئي پاسي جابلوسي شهر تي دهشتگرد حملا ڪري رهيا، مٿان وري پ ب ت وارن جو هر روز نئون رينگٽ ٻڌڻ لاءِ ملي ٿو، اهڙي صورتحال ۾ جيڪڏهن اسان شڪ جي بنيادن تي ڪنهن ۾ هٿ نٿا وجهي سگهون.“ پائولي ڪيس ڌيمي لهجي ۾ چيو.
”سر مونکي پڪ آهي ته هن آواز کي مان سڃاڻيان ٿي،“ عيني پنهنجي ڳالهه تي زور ڏيندي چيو.
”عيني ماڻهو اسان جي ڪرڪردگي مان ڪو گهڻو خوش نه آهين، خاص ڪري اصل سندرتا

واسي، ڪين لڳي رهيو آهي ته سندن نسل ڪوشي تي رهي آهي، سيني ڪان ڪا نه ڪا غلطي ضرور ٿي آهي، پر هاڻي اسان کي وڏيڪ ڀئي ڪا نئين غلطي نه ڪرڻ گهرجي،“ پائولي وري چانه جي سرڪي ڀري ڏيمي لهجي ۾ چيس.

”سر جيڪڏهن هن تحريڪ کي اسان هتي ختم ڪرڻ بدران اڳيان وڌڻ ڏنو ته اها اسان لاءِ ويتر خطرناڪ ثابت ٿيندي ۽ اها اسان هڪ جي نئين غلطي هوندي،“ عيني ساڳي لهجي ۾ ڳالهايو. پائولي ڪرسي کي ٽيڪ ڏئي سوچ ۾ ٻڏي ويو، پوءِ ٿڌو ساهه ڀري عيني کي چيائين:

”ٺيڪ آهي، تو وٽ ڪهڙو پلان آ؟“ عيني جي منهن تي مرڪ اچي وئي ۽ هوءَ ڊائريڪٽر کي پلان ٻڌائڻ لڳي. ڏيڍ ڪلاڪ جي ميٽنگ ڪانپوءِ عيني ڊائريڪٽر جي آفيس مان ٻاهر نڪر آئي ۽ اچي پنهنجي آفيس ۾ ويني ۽ ڪنن تي وري ڪارا هيڊفون چاڙهي ساڳي ٽيپ ٻڌڻ لڳي، سندس اکين اڳيان آواز مطابق واضح شڪل اچي وئي ۽ هوءَ پيڊ تي ڪجھ لکڻ لڳي.

سترهن اپريل تي عيني اسڪول ۾ سندس ڪلاس ۾ پڙهندڙ سيني شاگردن لاءِ هڪ پارٽي جو اعلان ڪيو، هن سان جيڪي دوست رابطي ۾ هئا ڪين ايميل موڪلي ۽ ٻين (جيڪي عيني جي رابطي ۾ نه هئا) سان رابطو ڪرڻ لاءِ هن انهن دوستن کي چيو هو. 2000ع واري ان بئچ ۾ عيني جي ڪلاس ۾ اناويهه ڇوڪريون ڇوڪرا هئا. ڪرش جي مستي مذاقن ۽ جهڙن جهڙن جي ڪري ان بئچ کي ڪرش بئچ جو نالو ڏنو ويو هو، جيڪو اسڪول ۾ ندامت جي علامت ٻڻجي چڪو هو، تان جو ڪلاس ۾ لڳ ڀڳ سيني کي خبر هئي ته ڪرش عيني تي عاشق آهي، پر ارڙهن سالن ۾ هنن هڪ ٻئي سان هڪ ڀيرو به رابطو نه ڪيو هو. عيني کي ته اها به ڄاڻ نه هئي ته ڪو ڪرش هاڻي جيئرو به آهي يا مري چڪو آهي. اهو رات جو وقت هو ٻئي ڏينهن ڇنڇر تي عيني جي گهر تي پارٽي رکيل هئي، چوڏهن ڄڻ پارٽي ۾ اچڻ جي حامي ڀري هئي، ٻارهن ڄڻن نه اچڻ جا مختلف بهانا ڏنا هيس، باقي ٻن ڄڻ ڊيني ۽ ڪرش هن سان ڪو به رابطو نه ڪيو. عيني ڪپڙن جي الماڙي ڪولي ان مان فوٽون جو هڪ پراڻو البم ڪڍي بيڊ تي ويهي البم ڏسڻ لڳي، هر تصوير سان سندس منهن تي عجيب مرڪ ٿي اچي وئي. جڏهن هن جي سامهون ڊيني جي تصوير آئي ته سندس دل جو ڌڙڪو ۽ ساهن جو وهڪرو وڌي ويو، هن اکيون بند ڪري ڇڏيون، ڊيني سندس پهرئين محبت هو، هوءَ ڊيني کي ڏسڻ لاءَ تڙپندي هئي. هڪ ته ڊيني شڪل شبيهه ۾ سهڻو هو ٻيو ته ڪلاس ۾ هوشيار ٻار تصور ڪيو ويندو هو، هر ڪنهن جي اک جو تارو ڊيني.... عيني جيترو به هن جي ويجهو اچڻ جي ڪوشش ڪندي هئي، ڊيني هن ڪان ايترو

ئي پري پچندو هو، هن سان پنهنجي مسئلا لاڳو هئا. ڪيس ماءُ اڪيلي سر پاليو هو، نندپڻ ۾ ئي سندس پيءُ گذاري ويو هو ۽ پوءِ ڊيني رڳو پنهنجي ذات تائين ئي محدود ٿي ويو هو، ڪجهه عرصو اڳ ته ڊيني ڊاڪٽر ٿي چڪو آهي ۽ لدنيستان ۾ ڪيس نوڪري ملي وئي آهي، هو هتان شفٽ ٿي ويو آهي.

ٻئي ڏينهن صبح کان ئي عيني پارٽي جي تيارين ۾ لڳي وئي، جيئن ئي سج لٿو ته سندس گهر تي مهمان اچڻ شروع ٿي ويا، پارٽي جو سمورو بندوست گهر اندر نندڙي باغيچي ۾ ٿيل هو، پشپا، ڪنول، مينا ۽ ڪجهه ٻيون عورتون عيني سان ڪچهري ۾ رڌل هيون، سندن ٻارن گهر ۾ لڪ لڪوٽي ٿي ڪئي. جڏهن ته 2000ع جا ڇوڪرا ۽ هاٺوڪا مرد ٽيبلن تي ويهي پاڻ ۾ ڪچهري دوران سگريٽ ڇڪڻ لڳا.

”عيني ڊيني نظر نٿو اچي،“ پشپا گلاس مان ڪاري بوتل جو ڊڪ پريندي پڇيس، عيني ڪي ائين لڳو ڄڻ پشپا ڪيس تير هڻي ڪڍيو هجي، هن بنا جواب ڏني هيڊي مرڪ مرڪي.

”نظر ته ڪرش به نٿو اچي؟“ هن ٻيري ڪنول ڳالهايو: ”ڪيڏو نه عجيب آهي ڪرش ٻئچ جي پارٽي ۾ ڪرش ڪونهي. “ عيني هيڊي مرڪ مرڪڻ ڪانسواءِ ڪجهه به نه ڪري سگهي، سموري پارٽي دوران هر هر سندس نظرون در ڏانهن کڄي ٿي ويون، هر هر سندس دل ۾ خيال ٿي آيو ته ڪنهن نه ڪنهن پل ڊيني اچي ويندو، ڪيس ڪرش جو ڪو خاص انتظار نه هو، هن ته اهو به ظاهر ڪيو ته ڪرش نه اچي ته سنو آهي. پر سندس دل ڊيني لاءِ بيتاب هئي. رات ڏهين وڳي تائين پارٽي عروج ۾ هلي، پوءِ هوريان هوريان عيني جا مهمان موڪلائي وڃڻ لڳا ۽ يارهين لڳي تائين عيني گهر ۾ اڪيلي ٿي وئي، ڪيس جنهن جو انتظار هو، اهو نه آيو، هن کي سندس پلان ناڪام ٿيندو نظر آيو، هوءَ ڪمري ۾ آئي دريءَ تان پردو هٽائي ٻاهر باغيچي ۾ ويران ڪرسين کي ڏسڻ لڳي، ٻاهر هوا سبب وڻن جا پتا چريا ٿي، هن سوچيو ڪن ۾ لڳل بلو ٽوٿ ڊوائيس هاٽي لاهي ڇڏڻ گهرجي. وڻن جي پتن کي لوڏندو ڏسي هوءَ پاٹمرادو ڳانو ڳائڻ لڳي:

”پتيان ڪڙڪين تو هم سمجهي آپ آ هي گي،

سجدي مسجود کي معبود کو هم پا هي گي.“

هن چرڪ ڀيري پنيان ڏنو، ڪيس ڪمري ۾ ڪنهنجي هجڻ جو احساس ٿيو، سچ پچ ڪمري ۾ عيني ڪانسواءِ ٻيو به ڪير موجود هو، عيني جي نظر الماڙي وٽ بيٺل سنواري سنهڙي هلڪي ڏاڙهي (جنهن ۾ ٻه چار اڇا وار به هئا) وارو جوان شخص نظر آيو، سندس آڱرين جي وچ ۾ سگريٽ ٿي دکيو، هن جي منهن تي اداس مرڪ هئي.

”ايڪ تو هي حقيقت اس دنيا مين....“ ان شخص به گاني جو مسرو جونهگاريو.
”ڪرش.....“ عيني چرڪ ڀريندي هن جي ڏرا ڏنل اکين ۾ اکيون وجهندي چيو. سندس چپ ٿڙڪڻ لڳا.
”عيني تنهنجي دعوت تي مان نه اچان، اهو ڪيئن ٿي ٿو سگهي،“ ڪرش مرڪي سگريٽ جو ڪش هڻندي چيس. عيني پڪ ڪرڻ لاءِ وري هن کي چيتائي ڏٺو ۽ ٿڙڪندڙ چپن سان پڇيائنس:
”ڪيئن آهين ڪرش؟“
”اجا تائين جيئرو آهيان...“ ڪرش عيني کي حسرت ڀري نگاهن سان ڏسندي چيو، سندس اکين ۾ لڙڪ ڀرجي آيا. ٻنهي جي وچ ۾ خاموشي ڇائنجي وئي.
”يقين نٿو اچي مان ارڙهن سالن کانپوءِ تنهنجي سامهون بيٺو آهيان، مونکي ته لڳو هو هن جنم ۾ مرندو مري ويندس پر تنهنجو ديدار نصيب نه ٿيندو.“ ڪرش خاموشي جو قتل ڪندي چيس.
”هون....“ عيني هيٺي مرڪ مرڪندي هاڪاري ۾ ڪنڌ لوڏي چيس. وري ٻنهي جي وچ ۾ خاموشي اچي وئي.
”تون پارٽي ۾ ڇو ڪونه آيئن؟“ هن ڀيري عيني خاموشي جو سينو چيريندي پڇيس. ڪرش بنا ڪو جواب ڏئي عيني طرف وڌڻ لڳو، عيني ٻه چار قدم پينان دريءَ ڏانهن وئي. وري ٻنهي جون نظرون مليون، عيني ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو، ڪرش الماڙي جي پاسي کان ڪارپيٽ تي ويهي رهيو. عيني هن جي بلڪل سامهون بيڊ جي ڪنڊ تي ويٺي.
”اڄ ڪلهه ڇا پيو ڪرين؟“ عيني هن کي ڏسندي پڇيو.
”پنهنجي ماضي کي مٽائڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهيان،“ ڪرش پٽ تي سگريٽ هٽي وسائيندي جواب ڏنس. عيني ڪن ۾ ڦهريل بلو ٽوٿ ڊوائيس آن ڪري ڇڏي، ائين ڪرڻ سان هوءَ پنهنجي آفيس سان رابطي ۾ اچي وئي. نائيٽ ڊيوٽي تي وينل ڪمپيوٽر آپريٽر عيني ۽ ڪرش جي ڳالهه ٻولهه ريڪارڊ ڪرڻ لڳو.
”شهر ڪيڏو نه بدلجي ويو آهي،“ عينيءَ ڪرش کي ڏسندي چيو، ڪرش ڪيس ويران نظرن سان ڏٺو، سندس اکيون پيليون ۽ ڏرا ڏنل هيون. عيني مرڪڻ جي ڪوشش ڪئي.
”ڪڏهن ڪڏهن ته مونکي لڳندو آهي ڪرشيا شهر ڪڏهن به اسان اصل سندرتا واسين جو هو ئي ڪونه، ائين لڳندو آهي جڻ هن شهر کي ڌارين ئي اچي آباد ڪيو آهي.“ عيني ڌيمي لهجي ۾ چيس. ڪرش الماڙي جي پاسي کان هٽي دريءَ ڏانهن آيو ۽ ويران نظرن سان

ڪاري آسمان کي ڏسڻ لڳو. سندس دماغ ۾ ڪو طوفان برپا هو جنهن جي ڪري هن جي لونڏڙين جون رڳون سٽجي ويون.

”90 واري ڏهاڪي ۾ جڏهن پاڻ وڏا ٿي رهيا هئاسين هن شهر کان خوف ايندو هو، اڄ به ڪرشيا شهر کان خوف ايندو آهي، ڪٿي بدليو آ شهر.“ ڪرش آسمان کي تڪيندي اداس لهجي ۾ چيس.

”90 وارو ڏهاڪو به عجيب هو، اسان وڏا ٿي رهيا هئاسين، شهر به وڌي رهيو هو، ان دور کي ياد ڪرڻ لاءِ اڪثر مان 90 وارا گانا ٻڌندي آهيان.“ عيني الماڙي ڏانهن ويندي چيس. ڪرش خاموشي سان ڪاري آسمان کي ڏسندو رهيو، عيني الماڙي مان 9 ايم ايم پستول ڪڍي بيڊ تي اڇي ويٺي ۽ پستول چادر هيٺان لڪائي ڇڏيائين. هنن جي وچ ۾ خاموشي ڪيترن ئي پلن تائين رقص ڪندي رهي.

”اسان کي اها ڳالھ سمجھ ۾ چو نٿي اچي ته ڪرشيا شهر اسان سڀني جو آهي،“ عيني هن کي ڏسندي چيو، ڪرش به ڪنڌ ورائي عيني کي ڏٺو، عيني سندس چهري جا تاثر پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هن جو چهرو بنا ڪنهن تاثر جي هو، هن اچي شرٽ جي ڪيسي مان سگريٽ ڪڍي دکايو ۽ هڪ اونهو ڪش هنيو.

”ڪرش،“ عيني هن کي سڏ ڪيو، هن عيني کي ڏٺو.

منهنجو هڪ ڪم ڪندين؟“ عيني ڌيمي لهجي ۾ چيس، ڪرش خاموش بيهي هن کي تڪيو.

”ڪجھ عرصي کان شهر ۾ هڪ نئون ٽولو اڀريو آهي، جيڪو نعرو هڻي ٿو ته ڪرشيا شهر رڳو اصل سندرتا ديس واسين جو آهي، جيڪو به اهو چوندو ته ڪرشيا شهر سڀني جو آهي ان کي قتل ڪيو ويندو.“ عيني هڪ پل لاءِ ڳالهائڻ بند ڪيو، ڪرش جون نظرون هن تي ڄميل، ڪمري ۾ سگريٽ جي دونهين سبب عيني جو ساھ منجهڻ لڳو. هن ڪنگندي ڳالهايو:

”ان ٽولي جو اڳواڻ پيرو مل نالي ڪو شخص آهي، پر ڪنهن وٽ به پيرو مل جو ڪو به ريڪارڊ ڪونهي، نه وري ڪنهن هن کي ڪڏهن ڏٺو آهي.“ عيني ٻڌايس. ڪرش سڪون سان سگريٽ ڇڪيندو رهيو.

”2004ع به عجيب سال هو،“ ڪرش ڪش هڻي ناسن مان دونهون ڪڍندي چيس: ”جيڪڏهن 2004ع سال نه اچي ها ته شايد ڪرشيا شهر جو ڪارونهوار ايئن ئي هلندو رهي ها جيئن گذريل ٽيھ سالن کان هلندو ٿي آيو.“

”ان سال اهڙو ڇا ٿيو هو؟“ عيني اٿي بيهي حيرانيءَ مان پڇيس.
”جيڪڏهن اجتماعي طور ڏسجي ته ڪجھ به نه ٿيو هو، پر انفرادي طور ڪنهن لاءِ قيامت برپا ٿي هئي ۽ هر گذرندڙ پل سان ان جي شدت وڌڻ لڳي ۽ پوءِ هڪ راڪشس جو جنم ٿيو هو، جنهن پاڻ سان وچن ڪيو هو ته هو سڀ ڪجھ ڀسم ڪري ڇڏيندو.“ ڪرش سگريٽ جو آخري ڪش هڻي دري کولي سگريٽ ٻاهر اڇلايو، سگريٽ جو ٽوٽو هوا ۾ ڪلابازيون کائيندو زمين تي ڪريو ۽ ڪجھ پلن ۾ وسامي ويو.
”تون ڪنهنجي ڳالھ ڪري رهيو آهين؟“ عيني جي حيرت ويتر وڌي وئي، ڪرش مڙي هن کي ويران نظرن سان ڏٺو، سندس نظرون ڪجھ پلن لاءِ عيني جي مک تي ئي رهيون، هن وري عيني کي پٺي ڏئي دري مان ڪاري آسمان کي ڏسندي آھ ڀري ڳالهايو:
”عيني تو جيان ڪرشيا شهر به مونکي ڪڏهن قبول نه ڪيو آهي.“ عيني بيڊ تي ويهي رهي ۽ هن کي تڪڻ لڳي، ڪرش ٻيو سگريٽ ڪڍي دکايو.
”2004ع ۾ مونکي پهريون ڀيرو احساس ٿيو ڪرشيا شهر اسان اصل سندرتا واسين جو نه رهيو آهي.“
”ڪرش مون ٻڌو آهي تون انقلابي ڪوي ٿي ويو آهين!“ عيني ڳالهئين جو رخ ڦيرڻ لاءِ چيس. ڪرش وري هڪ اونهو ڪش هنيو، سندس نظرون آسمان ۾ ئي کتل.
”ننڍي هوندي کان ئي مونکي ڪرڪيٽ جو جونون جي حد تائين شوق هو، ايئن لڳندو هو منهنجي زندگي ۾ رڳو ٻه مقصد آهن هڪ تون ٻيو ڪرڪيٽ، اسڪول کان گهر موٽي ٻه ڪم ضرور ڪندو هوس، هڪ توکي پيار ڀريو خط لکڻ، اهي خط جيڪي مان ڪڏهن توکي ڏئي نه سگهيس، اهي اڄ به مون سانڍي رکيا آهن، ٻيو ڪرڪيٽ کيڏڻ.“ ڪرش سگريٽ جو ڪش هڻي چيس، عيني غور سان هن کي ٻڌڻ لڳي.
”سردي هجي يا گرمي پر ڪرڪيٽ جي پرڪٽس ڪڏهن به نه ڇڏيندو هوس، خواب هو هڪ ڏينهن قومي ٽيم ۾ کيڏندس.... قومي ٽيم.....“ ڪرش اهو لفظ طنزيه انداز ۾ چيو، عيني جو تجسس ويتر وڌي ويو.
”ان تي ڪيترائي ڀيرا بابا جي مار به ملي، منجهند ٽاڪ جو بابا جي آرام جو وقت هوندو هو ۽ منهنجي پرڪٽس جو. ٻٽ تي بال هڻڻ بابا کي زهر لڳندو هو، ان دوران مونکي لڳندو هو مان اڪيلو نه آهيان مونسان گڏ مڪمل ٽيم آهي، مان ان جو ڪپتان آهيان، مس فليڊ ڪرڻ تي فليڊر کي گهٽ وڌ ڳالهائيندو هجان، ٽيم جڏهن به مشڪل ۾ هجي ته مان ڪنهن ڪلاڙي سان پارٽنرسپ ڪري ميچ کٽرائي ونان ۽ هر ڀيري مين آف دي ميچ مونکي ئي

مليو، ان دوران مون پنهنجي سلينجر جي ڪٽ بيگ به ٺاهي ورتي هئي، ان ۾ 4500 رپين جي ته رڳو بيٽ هئي، جنهن جي بليڊ تي بال لڳندو هو ته ٺڪ جو آواز نڪرندو هو ۽ بال گولي جيان بائونڊري ڏانهن ويندو هو، پيڊ، گيلوز، آرم پيڊ، ٿائي پيڊ، هيلمٽ، جاگر هر شيءِ تي سلينجر جو چيتي وارو نيرو نشان. پر اهو سڀ منهنجي دماغ جو خلل هو. حقيقت ان جي ابتڙ هئي.“ ڪرش هڪ پل لاءِ خاموش ٿي ويو ۽ ڪش هڻيائين، پوءِ وري چيائين:

”2004ع جڏهن توڪان وچڙي چار سال ٿي چڪا هئا ته خبر ملي ڪرشيا ۾ قومي ٽيم جي سليڪشن لاءِ ٽن ڏينهن جي ڪيمپ لڳي آهي، ان ڪيمپ جو حصو ٿيڻ لاءِ مون به اپلاءِ ڪيو، ان ٽن ڏينهن دوران مون سميت چار ٻين ڇوڪرن کي اسٽيڊيم جي ويجهي به اچڻ نٿي ڏنو ويو، پر هر روز ان اميد سان موٽندا هئاسين ته اڄ اسان جو وارو ايندو. آخري ڏينهن تي گرائونڊ جي هڪ پوڙهي ملازم جنهن جي مٿي ۽ ڏاڙهي جا وار مهندي هڻڻ سبب ڳاڙها هئا اسان کي چيو جيئن ته اسان اصل سندرتا ديس واسي آهيون ان ڪري اسان کي ڪڏهن به قومي ٽيم ۾ جاءِ نه ملندي، اسان هتي پنهنجو وقت وڃائي رهيا آهيون. اهو ٻڌي مونکي حيرت ٿي هئي ۽ سوچيو ايئن نه هوندو، پر آخري ڏينهن به اسان کي اندر نه ڇڏيو ويو، گيٽ ٻاهران ئي اسان کي چيو ويندو هو ته اسان جو لسٽ ۾ نالو نه آهي. جڏهن ڪيمپ پوري ٿي ته منهنجو من وسامي ويو.“ ڪرش جي آڱرين جي وچ سگريٽ دکندو رهيو، هن دري کولي وري سگريٽ ٻاهر اڇلايو ۽ ڳالهه جاري رکيائين:

”ڪاوڙ ۾ اچي ان شام جو مون ڪٽ کي باهه ڏئي ڇڏي، ايئن محسوس ٿيو ڄڻ ڪٽ بدران کو منهنجي ڇتا ساڙي رهيو هجي، ان ڪانپوءِ مون ڪرڪيٽ کيڏڻ ته ڇا پر ڏسڻ به ڇڏي ڏني. نه تون ملي سگهين نه ڪرڪيٽ، ايئن لڳو ڄڻ منهنجي زندگي جو مقصد ئي ختم ٿي ويو هجي مونکي ڪرشيا شهر کان نفرت ٿيڻ لڳي. دل گهرندو هو هن سموري شهر کي تباهه ڪري ڇڏيان.“ ڪرش چپ ٿي ويو، وري هنن جي وچ ۾ خاموشي ننگو ناچ ڪرڻ لڳي من اندر جيان ڪرش جون اکيون به پرجي آيون.

”اها 2006ع جي ڳالهه آهي هڪ چانه جي هوٽل تي وينل هوس،“ ڪرش ٽيون سگريٽ دکائيندي ڳالهايو: ”اتي مونکي سندرتا واسي ٿيئٽر جو پرچو مليو، روبانو نالي ڪا ٿيئٽر ڊائريڪٽر نيئن ٽيلينٽ جي ڳولها ۾ هئي جيڪو اصل سندرتا واسي هجي، ان منهنجي اندر عرصو اڳ سمهي پيل فنڪار کي جڳائي ڇڏيو. ايئن لڳو ڄڻ کو مسيح ڪنهن مردي کي هڪم ڏيندو هجي اٿي وري زندهه ٿي پئو ۽ اهو مردو وري زندهه ٿي پيو.“ ڪرش سگريٽ دري کان ٻاهر اڇلائي، اتان هتي عيني جي سامهون الماڙي جي پاسي کان وينو.

”پوءِ؟“ عيني هن کي ڏسندي ٿڙڪندڙ چپن سان پڇيو.
”آپا روبانو مونکي اهڙو پيار ڏنو جنهنجي مونکي ازل کان ڳولها هئي، هن مونکي پنهنجو پٽ ڪيو، هن مونکي ڪرشيا شهر سان عشق ڪرڻ سيکاريو، هاڻي ڪرشيا هڪ بدصورت ڏائڻ بدران هڪ خوبصورت ڪنواري دوشيزا جو ڏيک ڏيڻ لڳو، مان ڪرشيا شهر لاءِ ڪويتائون چوڻ لڳس، اهي ڪويتائون اسان جي ناٽڪن جو حصو بڻجڻ لڳيون، پر جڏهن به رات جو سمهڻ لاءِ اکيون بند ڪندو هوس، تنهنجو چهرو اچي ويندو هو ۽ وري منهنجي روح کي ڏنگهڻ لڳندو هو، روز رات جو ٿيئٽر جي باغ ۾ اچي ويهندو هوس ۽ چنڊ ۾ تنهنجي چهري کي ڳولهڻ جي ڪوشش ڪندو هوس.“ ڪرش عيني کي ڏٺو، عيني هن کي ڏسي نظرون جهڪائي ڇڏيون. ڪرش وري ڳالهايو:
”2012ع جي هڪ رات وري هڪ ٻيو چمتڪار ٿيو، ان رات آپا اُجالا نالي هڪ ڇوڪري کي پاڻ سان وٺي آئي هئي، اُجالا جا نيڻ، نقش وار هوبهو تو جهڙا هئا، ائين لڳو تون منهنجي سامهون اچي بيٺي هجين، اُجالا ڪمال جي اداڪارا آهي، مونکي ائين لڳندو آهي ته هوءَ منهنجي لکيل سٽن ۾ لکل اصل درد کي سجاڻي وٺندي آهي، هڪ ڀيرو رات جو باغ ۾ ويهي ويران نظرن سان چنڊ کي تڪڻ لڳو هوس جو اُجالا منهنجي پاسي کان وهيندي مرکي پڇيو هو: هوءَ ايتري سهڻي آهي ڇا؟
ڪير؟ حيراني مان پڇيو هو مانس.
اها ئي جنهن کي چنڊ ۾ ڳولهي رهيو آهين؟ اُجالا مرکي چيو هو. ڪيس ڪو به جواب نه ڏنو هئم ته هن چيو هو: ڪڏهن ڪڏهن ائين لڳندو آهي تنهنجي هر سٽ هر ڪويتا هن جي لاءِ لکيل آهي.
مون اُجالا جي اکين ۾ ڏسندي چيو هو: عيني....!! هن حيراني مان مونکي ڏٺو هو ۽ اتي وڃڻ لڳي هئي، مون ڪيس ٻانهن کان پڪڙي پنهنجي سيني سان لائي ڇڏيو هو.“ ڪرش وري سگريٽ دکايو ۽ ڪش هڻي ناسن مان دونهون ڪڍڻ لڳو.
”ان سڀ دوران رڳو منهنجي زندگي نه پر ڪرشيا شهر به تيزي سان بدلجي رهيو هو، شهر ۾ هر روز ڪا نئين مافيا پيدا ٿي پوندي آهي، ٻه سال اڳ شهر ۾ لينڊ مافيا زور پڪڙڻ لڳي، جنهن جي پنيان پ ب ت وارا هئا، آپا روبانو سندرتا واسين جون قديم وسنديون بچائڻ لاءِ تحريڪ شروع ڪئي ۽ پوءِ هڪ ڏينهن ڪيس بيرحمي سان قتل ڪيو ويو، اسان جي ٿيئٽر تي قبضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، آپا جي لائبرري مان مونکي ٻه ڪتاب مليا هڪ ميشا گليني جو ميڪ مافيا ٻيو وڪرم چندرا جو سيڪرڊ گيم. اهي ٻئي ڪتاب

انڊرولڊ تي لڪيل هئا، پر ڪرشيا شهر ۾ انڊرولڊ جو ايترو مسئلو نه هو، هتي اصل مسئلو پنهنجي سڃاڻپ برقرار رکڻ آهي، هن شهر ۾ خاص ڪري اسان اصل سندرتا ديس واسين کان اسان جي سڃاڻپ کسڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي، اسان کي اڪثر اهو احساس ڏياريو ويندو ته ڪرشيا شهر ۾ رهڻ لاءِ اسان کي پنهنجي سڃاڻپ مٽائڻي پوندي، هر هر اسان کي چيو ويندو آهي ته ڪرشيا شهر اسان سندرتا ديس واسين جو نه آهي.“ ڪرش جو لهجو تلخ ٿي ويو، عيني هن جي تاثرن کي ماپڻ لڳي، ڪرش هن کي جذباتي نظر آيو. ڪرش اٿي بيٺو ۽ عيني کي پٺي ڏيندي چيائين:

”اهڙو دنيا ۾ هڪ ٻيو شهر به آهي، ممبيسي هر ڪو چوندو آهي ته ممبيسي سڀني جو آهي، هن سڀ کان تنگ ٿي اٿي هڪ سياستدان اڀريو جنهن اها دعوا ڪئي ته ممبيسي رڳو ان جي اصل واسين جو آهي، هن ممبيسي بچائڻ لاءِ ماڻهن کي مارڻ شروع ڪيو. ڪرشيا شهر کي بچائڻ جو به رڳو اهو هڪ ئي رستو هو ته اسين دعوا ڪريون ته ڪرشيا شهر رڳو اسان اصل سندرتا ديس واسين جو آهي، نه ڪنهن مهمان جو، نه ڪنهن جابلوسي جو... رڳو اسان سندرتا ديس واسين جو.“ ڪرش عيني ڏانهن وڌيو، عيني هن کي ويران نظرن سان ڏسڻ لڳي.

”عيني توکي اهو نه چوڻ گهرجي ها ته ڪرشيا شهر سڀني جو آهي.“ ڪرش چيس، اهو ٻڌي عيني من اندر ۾ ڏڪي وئي ۽ خوف ۾ اٿي بيٺي، هن طريقي سان چادر هيٺيان لڪايل پستول ڪڍي ورتو، ڪرش هن ڏانهن وڌڻ لڳو، عيني جو جسم ٿڙڪڻ لڳو ڪرش بلڪل هن جي ويجهو پهچي ويو، هن جهڪي عيني جي ڪن ۾ سرگوشي ڪئي:

”مان ئي پيرو مل آهيان.“ اوچتو گولي جو ٺڪاءُ ٿيو، ڪرش عيني کان پري ٿي ويو، سندس هڪ هٿ پيٽ تي اچي ويو، عيني خوف ۾ ٽرگر دٻائي ڇڏيو، گولي ڪرش جو پيٽ چيري وئي، ڪرش ڪجھ قدم پٺيان وجي پٽ سان لڳو، هن جي اکين آڏو اوندھ ٿيڻ لڪي ۽ هو وڏا وڏا ساهه کڻڻ لڳو. هو زمين تي هيٺ ويهي رهيو، سندس واتان هڪ آهه نڪتي:

”عيني....ڪرشيا......“ ۽ پوءِ هن جو جسم ٿڌو ٿي ويو. عيني جي اکين مان ڳوڙها نڪري اچي سندس ڳلن تي ڪريا، هوءَ بيڊ جي ڪنڊ تي ويهي رهي.

ٻن ڏينهن کانپوءِ عيني پنهنجي آفيس جي ويٽنل هئي، سندس من اداس هو، اوچتو شيشي جي در تي نڪ نڪ ٿي، هن ان طرف ڏٺو، ڪيس هڪ نوجوان ڪمپيوٽر آپريٽر بيٺل نظر آيو، هن اشاري سان نوجوان کي اندر اچڻ جو چيو، نوجوان هن وٽ آيو ۽ ڪيس ٽيپ ڏيندي چيائين:

”ميڊم هي ڊائريڪٽر صاحب اوهان لاءِ موڪلي آهي.“ عيني مرڪي هن کان ٽيپ ورتي. هو آفيس کان ٻاهر هليو. عيني خاموش ڪمري ۾ ڪنن تي هيڊ فون چاڙهي ٽيپ ٻڌڻ شروع ڪئي.

”مان ڪرشيا رڳو اصل سندرتا واسين جو آهي تحريڪ جي ڪمانڊر اُجالا آهيان، پلي ڪمانڊر پيرو مل هن دنيا ۾ نه رهيو هجي پر اسان جي تحريڪ جاري آهي.“ اهو ٻڌي عيني کي پنهنجي ڪنن تي يقين نه آيو، سندس مٿو ڦرڻ لڳو، ڪيس ساهه کڻندي تڪليف محسوس ٿيڻ لڳي.

اهو سندس وڏي ڀيڻ بينا جو آواز هو....